CS (Main) Exam : 2014

C-DRN-N-L-UOAB

SINDHI

(Arabic)

Paper II

(LITERATURE)

*Time allowed : **Three** Hours*

*Maximum Marks : **250***

QUESTION PAPER SPECIFIC INSTRUCTIONS

Please read each of the following instructions carefully before attempting questions :

*There are **EIGHT** questions divided in **TWO SECTIONS.***

*Candidate has to attempt **FIVE** questions in all.*

*Questions no. **1** and **5** are compulsory and out of the remaining, **THREE** are to be attempted choosing at least **ONE** from each section.*

The number of marks carried by a question / part is indicated against it.

*Answers must be written in **SINDHI** in **Arabic** script.*

Word limit in questions, wherever specified, should be adhered to.

Attempts of questions shall be counted in chronological order. Unless struck off, attempt of a question shall be counted even if attempted partly. Any page or portion of the page left blank in the Question-cum-Answer Booklet must be clearly struck off.

Optional Province · optionalprovince.com

SECTION A

1Q. هيٺيان حوالا سمجهائيندي هرهڪ تي لڳ ڀڳ 150 لفظن ۾ تنقيدي نوٽ لکو. *10×5=50*

(i) پاڻ ئي پسي پاڻ کي پاڻ ئي محبوب
پاڻ ئي خلقي خوبُ پاڻ ئي طالب تن جو. *10*

(ii) ڪو مومن چوي ڪو ڪافر چوي ڪو جاهل نالو ظاهر چوي
ڪو ساحر چوي ڪو شاعر چوي آءٌ جو ئي آهيان سو ئي آهيان. *10*

(iii) مڙهيءَ منجهه مڙهي تنهن ۾ مڙهي دوس جي
پاڻ مڙهيءَ کون پرتي چاڙهي ڏس چڙهي
ڀڃي ڀرم گهڙي ناڳ مليو نج ناڳ سان. *10*

(iv) سڏ پڙاڏو آه ساڳيو پر ٻڌڻ ۾ ڇو به ٿيا؟
سمجهه سا سوچي سهي ڪر آه وائيءَ ورُ ڪٿي؟ *10*

(v) خزان حال اوري ته ڪنهن ساڻ اوري
سڀئي سڪيا جي بهارُن جي ٻولي! *10*

2Q. (i) شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي حياتيءَ جو احوال ٻڌايو. *20*

(ii) سچل سائينءَ کي صوفين جو سرتاج ڇو چوندا آهيون؟ *15*

(iii) سامي ۽ ستگر جي ڪهڙي مهما ڳائي آهي؟ *15*

Optional Province · optionalprovince.com

3Q. (i) بيوس کي جديد سنڌي شاعريءَ جو باني ڇو چيو ويندو آهي؟ 20

(ii) نارائڻ 'شيام' جي جمالياتي شاعريءَ جو ذڪر ڪريو. 15

(iii) شاه صاحب کي محبت جي ميخ ڪيئن لڳي؟ 15

4Q. (i) سچل سائين ۽ پاڻ سڃاڻڻ بابت ڇا چيو آهي؟ 20

(ii) بيوس 'غريبن جي جهوپڙيءَ' جو ڪهڙو بيان ڪيو آهي؟ 15

(iii) شيام، سنڌي شاعريءَ ۾ ڪهڙا نوان تجربا ڪيا آهن؟ 15

Optional Province · optionalprovince.com

SECTION B

5Q. هيٺيان حوالا سمجهائيندي هرهڪ تي لڳ ڀڳ 150 لفظن ۾ تنقيدي نوٽ لکو.

10×5=50

(i) "قبلا! انسان براين اپنائڻ ۾ اهڙو تڪڙو ڇو آهي؟" 10

(ii) شهر ۾ سنان ڪرڻ لاءِ صرف ڏه منٽ مقرر ڪيل هئا. 10

(iii) ڀنڀور شهر، دابيجيءَ جي ڏکڻ کان ٻن اڍائي ڪوهن جي مفاصلي تي ٿيندو. 10

(iv) "ته چار ڦيرا ڇو ٿا ڏياريا وڃن؟" 10

(v) حيدرآباد ۾ پروفيسر بٺيجا وٽ هر روز سنسڪرت پڙهڻ ويندي هئس. 10

6Q. (i) 'ست ڏينهن' ناول جو پلاٽ ٻڌايو. 20

(ii) لالسنگ اجواڻيءَ موجب هندوستان ڇو امر آهي؟ 15

(iii) اوهان کي 'ٻنڌن' مجموعي جي ڪهڙي ڪهاڻي وڻي ٿي ۽ ڇو؟ 15

Optional Province · optionalprovince.com

7Q. (i) ناول نويسيءَ جي آڌار تي ٻڌايو ته گوبند مالهيءَ کي 'ناول سمراٽ' ڇو سڏيو ويندو آهي؟ 20

(ii) ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ کي 'سنڌي تنقيد جو باني' ڇو چيو ويو آهي؟ 15

(iii) احمد شاهه، ڪندن کي سنڌ ڇڏڻ جي صلاح ڇو ڏني؟ 15

8Q. (i) ڊاڪٽر چوئرام گدواڻيءَ جي جيون ڪاريه بابت اوهان کي ڪهڙي ڄاڻ آهي؟ 20

(ii) ڪلياڻ آڏواڻيءَ 'ڪافي ۽ وائي' بابت ڇا چيو آهي؟ 15

(iii) پوپٽي هيرانند اڻيءَ پنهنجي زندگيءَ کي پنن ۾ ويڙهيل ڇو سڏيو آهي؟ 15

Optional Province · optionalprovince.com